## سورة الماجدلہ (معنيٰ : هڪٻئي سان بحث مباحثو ڪرڻ) مدني

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

### ظهار جو حڪم ۽ منڪرن جو انجام

قَدۡ سَمِعَ اللّٰهُ قَوۡلَ الَّتِىۡ تُجَادِلُكَ فِىۡ زَوۡجِهَا
وَتَشۡتَكِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ ‌ۖ وَاللّٰهُ يَسۡمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ؕ
اِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ ۢ بَصِيۡرٌ ۝١

(١) (اي رسول) الله ان زال جي ڳالھ ٻڌي ورتي جيڪا پنهنجا مڙس جي معاملي ۾ توکي هر هر چوي پئي ۽ الله جي اڳيان (پاڻ سان ٿيل ناانصافيءَ وارو) پنهنجو ڏک بيان ڪري پئي ۽ الله اوهان ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٻڌي پيو. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

اَلَّذِيۡنَ يُظٰهِرُوۡنَ مِنۡكُمۡ مِّنۡ نِّسَآئِهِمۡ مَّا
هُنَّ اُمَّهٰتِهِمۡ ‌ؕ اِنۡ اُمَّهٰتُهُمۡ اِلَّا الّٰٓـئِىۡ
وَلَدۡنَهُمۡ‌ ؕ وَاِنَّهُمۡ لَيَقُوۡلُوۡنَ مُنۡكَرًا مِّنَ
الۡقَوۡلِ وَزُوۡرًا‌ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوۡرٌ ۝٢

(٢) جيڪي اوهان مان (نادانيءَ جي ڪري غصي ۾) پنهنجين زالن کي پاڻ تي مائرن جهڙو ڪن ٿا، سو اهي (زالون) انهن جون مائرون نہ ٿيون ٿين. سندن مائرون رڳيون اهي ئي آهن جن کين ڄڻيو آهي. ۽ اهي بيهودي ڳالھ ۽ ڪوڙ چون ٿا (کين گهرجي تہ ڪوڙ کان توبھ ڪن) ۽ بيشڪ الله گهڻو معاف ڪندڙ وڏو بخشڻهار آهي.

وَالَّذِيۡنَ يُظٰهِرُوۡنَ مِنۡ نِّسَآئِهِمۡ ثُمَّ
يَعُوۡدُوۡنَ لِمَا قَالُوۡا فَتَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ مِّنۡ قَبۡلِ
اَنۡ يَّتَمَآسَّا‌ ؕ ذٰ لِكُمۡ تُوۡعَظُوۡنَ بِهٖ‌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا
تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ۝٣

(٣) ۽ جيڪي پنهنجين پنهنجين زالن کي پاڻ تي مائرن جهڙو ڪن ٿا، وري جيڪا (بيهودي ڳالھ) چئي اٿن ان کان (پشيمان ٿي پوئتي) موٽن ٿا (انهن تي) هڪٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي هڪ غلام آزاد ڪرڻو آهي. هن (حڪم) سان اوهان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي (تہ پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ سکو) ۽ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي.

فَمَنۡ لَّمۡ يَجِدۡ فَصِيَامُ شَهۡرَيۡنِ مُتَتَابِعَيۡنِ
مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّتَمَآسَّا‌ ۚ فَمَنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ
فَاِطۡعَامُ سِتِّيۡنَ مِسۡكِيۡنًا‌ ؕ ذٰلِكَ لِتُؤۡمِنُوۡا بِاللّٰهِ
وَرَسُوۡلِهٖ‌ ؕ وَتِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ‌ ؕ وَلِلۡكٰفِرِيۡنَ
عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۝٤

(٤) پوءِ جو شخص (ٻانهون غلاميءَ ۾ ڦاٿل) نہ لهي تہ (ان تي) هڪٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي لڳولڳ ٻن مهينن جا روزا آهن. پوءِ جو (هي بہ) نہ ڪري سگهي تہ (ان تي) سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي. هي (حڪم) هن لاءِ آهي تہ اوهين الله ۽ سندس رسول جا تابعدار ٿي رهو. ۽ اهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن (جيڪو الله جي حدن جو ئي مورئون انڪار ڪندو تہ اهو ڪافر آهي) ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُحَآدُّوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ كُبِتُوۡا كَمَا
كُبِتَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ وَقَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اٰيٰتٍۢ
بَيِّنٰتٍ‌ ؕ وَلِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ‌ ۚ ۝٥

(٥) بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس رسول جي (حڪمن جي) مخالفت ڪن ٿا اهي (دنيا ۾ بہ ائين) خوار ٿيندا جيئن اهي خوار ٿا، جيڪي کانئن اڳ هئا ۽ بيشڪ اسان تہ پڌرا حڪم نازل ڪيا آهن ۽ (انن حڪمن جي مخالفت ڪرڻ وارن) ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي.

يَوۡمَ يَبۡعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيۡعًا فَيُنَبِّئُهُمۡ بِمَا
عَمِلُوۡا‌ ؕ اَحۡصٰىهُ اللّٰهُ وَنَسُوۡهُ‌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ
شَىۡءٍ شَهِيۡدٌ ۝٦

(٦) (ان ڏينهن خوار ڪندڙ عذاب ٿيندن) جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي جيئرو ڪري اٿاريندو. پوءِ انهن کي سندن عملن جي خبر ڏيندو. الله ان (سندن ڪئي) کي ڳڻي رکيو آهي ۽ انهن ان کي وساري ڇڏيو آهي. ۽ الله سڀني شين جي خبر رکندڙ آهي.

## رکوع 3

## منافقن جي روين تي گرفت. مجلس جا آداب

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَاۤ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (٧)

(٧) چا تو نہ ڏٺو تہ جيڪي آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ان کي الله ڄاڻي ٿو. ڪا ٽن ڄڻن جي ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي آهي تہ اهو انهن ۾ چوٿون هوندو آهي ۽ پنجن ڄڻن جي تہ اهو انهن ۾ ڇهون هوندو آهي ۽ توڙي ان کان گهٽ ۽ توڙي (ان کان) وڌيڪ (ماڻهو هجن) جتي بہ هجن (۽ جيترا بہ هجن) پر اهو انهن سان گڏ هوندو آهي، پوءِ الله کين قيامت جي ڏينهن سندن ڪمن جي خبر ڏيندو. بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَيَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ ۫ وَاِذَا جَآءُوْكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ وَيَقُوْلُوْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ؕ حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (٨)

(٨) چا تو انهن ڏي نہ ڏٺو جن کي ڳجهين ڳالهين ٻولهين (ذريعي سازشن) ڪرڻ کان روڪيو ويو، پوءِ اهي جنهن ڳالهہ کان جهليا ويا وري بہ اهوئي ڪن ٿا ۽ پاڻ ۾ گناهہ ۽ ظلم ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ جون ڳجهيون ڳالهيون ڪن ٿا، ۽ جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ (سلام ڪرڻ مهل) توکي ان (لفظ) سان سلام ڪن ٿا جيڪو سلام الله (مقرر) نہ ڪيو آهي ۽ پنهنجين دلين ۾ چون ٿا تہ جيڪي اسين چئون ٿا ان جي ڪري الله اسان کي عذاب ڇو نٿو ڪري (ٿورڙو ترسن) انهن لاءِ دوزخ ڪافي آهي. ان ۾ داخل ٿيندا، پوءِ اها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ وَتَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ (٩)

(٩) اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين پاڻ ۾ ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو تہ (منافقن وانگر) گناهہ ۽ الله جي حدن کان لنگهڻ ۽ رسول جي نافرمانيءَ جون ڳجهيون ڳالهيون نہ ڪريو ۽ اوهين (خدائي قانونن جي نگهباني ۽ انساني فلاح جو سوچي) ڀلائي ۽ پرهيزگاريءَ جون ڳجهيون ڳالهيون ٻولهيون (۽ رٿابنديون) ڪريو، ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن اوهان کي (حساب ڪتاب ڏيڻ واسطي) گڏ ڪيو ويندو.

اِنَّمَا النَّجْوٰى مِنَ الشَّيْطٰنِ لِيَحْزُنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيْسَ بِضَآرِّهِمْ شَيْئًا اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ (١٠)

(١٠) اها (منافقن) ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ تہ شيطان جي طرفان ٿئي آهي. هن لاءِ تہ ايمان وارن کي غمگين ڪري ۽ اها انهن کي ڪجهہ بہ نقصان پهچائڻ واري نہ آهي، الله جي حڪمن کان سواءِ. ۽ الله تي ايمان وارا هر ڳالهہ ۾ ڀروسو ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَاِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَاللّٰهُ

(١١) اي ايمان وارو! جڏهن بہ اوهان کي چيو وڃي تہ مجلس ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو، تڏهن (ضرورت جيتري) جاءِ ڪشادي ڪريو تہ الله اوهان لاءِ ڪشادگي ڪندو. ۽ جڏهن بہ چيو وڃي تہ (هتان وار حڪم ٻڌي عمل ڪرڻ لاءِ) اٿي کڙا ٿيو تہ اٿي وڃو. اوهان مان جن ايمان آندو آهي ۽

بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١﴾

جن کي علم ڏنو ويو آهي (اهڙين جماعتي پابندين سان) الله تن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ ۭ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾

(١٢) اي ايمان وارؤ! جڏهن رسول سان ڳجهي ڳالهه ڪرڻ گهرو ته اوهين پنهنجيءَ ڳجهي ڳالهه ڪرڻ کان اڳي (عام مفاد لاءِ) خيرات يا عطيو ڏيو. هي (ڪم) اوهان لاءِ تمام چڱو ۽ تمام سٺو آهي. (انهيءَ سان منافق جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ ڳجهي ڳالهه جو بهانو ڪري رسول ڪريم جو وقت وڃائين ٿا سو بند ٿي ويندو) پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ (عطيو ڏيڻ لاءِ) نه هجي ته الله گهڻو بخشيندڙ نهايت رحم وارو آهي.

ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ ۭ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٣﴾ ع

(١٣) ڇا اوهين پنهنجيءَ ڳجهي ڳالهه ڪرڻ کان اڳي عطيو يا خيراتن ڏيڻ کان ڊڄي ويا. پوءِ جڏهن اوهان (خيرات) نه ڪئي (ڇا تنظيم ڪاري جي ابتدائي معاملن ۾ ضروري هئي) ته الله اوهان کي معاف ڪيو، تڏهن (فرمانبرداري جي واٽ تي هلي) نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي تابعداري ڪريو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

رڪوع 3

**الله ۽ سندس رسول جي مخالفن سان دوستي نه رکو.**

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۭ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ ۙ وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) (اي رسول!) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نه ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي (خدائي نظام جي مخالفت ۽ سرڪشيءَ جي ڪري) الله ڪاوڙيو آهي. اهي نه هئي (حقيقت ۾) اوهان مان آهن ۽ نه (ڪليو ڪلايو) انهن مان آهن ۽ اهي ڄاڻي ٻجهي (اوهان سان سچي هئڻ جو) ڪوڙ تي قسم کڻن ٿا.

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي، ڇو ته انهن جا ڪم بڇڙا آهن.

اِتَّخَذُوْۤا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٦﴾

(١٦) انهن (فريب ڪاريءَ سان) پنهنجن قسمن کي ڍال بنايو آهي، پوءِ (ان ڍال جي آڙ ۾) ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪين ٿا. سو انهن لاءِ ذلت ڀريو عذاب آهي.

لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْئًا ۭ اُولٰۤىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) سندن مال ۽ سندن اولاد (جنهن جي گهمنڊ تي آهن) الله جي (مڪافات واري قانون جي) مقابلي ۾ ڪين ڪجهه به ڪم نه ايندا. اهي باهه وارا آهن، ان ۾ پيا رهندا.

يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا

(١٨) جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي (جيئرو ڪري) اٿاريندو، پوءِ اهي

يَحْلِفُونَ لَكُمْ وَيَحْسَبُونَ أَنَّهُمْ عَلَىٰ شَيْءٍ ۚ أَلَا إِنَّهُمْ هُمُ الْكَاذِبُونَ ﴿١٨﴾

سندس اڳيان قسم کڻندا جيئن اوهان جي اڳيان کڻن ٿا ۽ خيال کن ٿا تہ (سندن انهن قسمن سان ڀرم رهجي ويندو، تنهن ڪري) ڪنهن چڱيءَ حالت ۾ آهن. خبردار ٿيو! اهي ئي (ماڻهو ڀھرين درجي جا) ڪوڙا آهن.

اسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطَانُ فَأَنسَاهُمْ ذِكْرَ اللَّهِ ۚ أُولَٰئِكَ حِزْبُ الشَّيْطَانِ ۚ أَلَا إِنَّ حِزْبَ الشَّيْطَانِ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿١٩﴾

(١٩) مٿن (مفاد پرستين ۽ سرڪشين جو محرڪ) شيطان غالب ٿي ويو آهي، پوءِ انهن کان الله جي يادگيري ڀلائي ڇڏي اٿس. اهي شيطان جي جماعت آهن. خبردار ٿيو شيطان جي جماعت ئي نقصان پائڻ واري آهي.

إِنَّ الَّذِينَ يُحَادُّونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ أُولَٰئِكَ فِي الْأَذَلِّينَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) جيڪي الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪن ٿا سي (نيٺ) تمام خوار ماڻهن مان ٿيندا.

كَتَبَ اللَّهُ لَأَغْلِبَنَّ أَنَا وَرُسُلِي ۚ إِنَّ اللَّهَ قَوِيٌّ عَزِيزٌ ﴿٢١﴾

(٢١) الله جو لکيل فيصلو (قانون) آهي تہ مان ۽ منهنجا رسول (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش ۾) ضرور (ڪافرن تي) غالب ٿيندا. بيشڪ الله هر قسم جي قوتن جي مالڪ ۽ زبردست آهي.

لَّا تَجِدُ قَوْمًا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ يُوَادُّونَ مَنْ حَادَّ اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَلَوْ كَانُوا آبَاءَهُمْ أَوْ أَبْنَاءَهُمْ أَوْ إِخْوَانَهُمْ أَوْ عَشِيرَتَهُمْ ۚ أُولَٰئِكَ كَتَبَ فِي قُلُوبِهِمُ الْإِيمَانَ وَأَيَّدَهُم بِرُوحٍ مِّنْهُ ۖ وَيُدْخِلُهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ ۚ أُولَٰئِكَ حِزْبُ اللَّهِ ۚ أَلَا إِنَّ حِزْبَ اللَّهِ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (اي رسول!) اهڙي قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندي هجي انهن کي تون نہ ڏسندين تہ جن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي تن سان دوستي رکندا هجن. توڙي جو اهي انهن جا ابا ڏاڏا يا سندن پٽ، سندن ڀائر يا مائٽ هجن. اهي ئي (ڀلارا ماڻهو آهن) جن جي دلين ۾ الله ايمان لکي ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي پنهنجي وحي واري فيض سان طاقت ڏني اٿس ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واه پيا وهن. اهي انهن ۾ پيا رهندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا. اهي الله جي جماعت آهن. پڪ ڄاڻو تہ الله جي جماعت ئي ڪامياب ٿيڻ واري آهي.

**سورة الحشر (معنيٰ: گڏ ڪرڻ) مدني**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جيڪو الله جي مخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي.**

سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۖ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١﴾

(١) جو ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجھ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر قانونن تي هلي ان جي عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو ۽ اهوئي وڏين قوتن ۽ غلبي جو مالڪ (۽) حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِي أَخْرَجَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ مِن دِيَارِهِمْ لِأَوَّلِ الْحَشْرِ ۚ مَا ظَنَنتُمْ أَن يَخْرُجُوا ۖ وَظَنُّوا أَنَّهُم مَّانِعَتُهُمْ

(٢) هو اهو (قوت ۽ غلبي جو مالڪ) آهي جنهن ڀھرئين ئي لشڪر گڏ ڪرڻ وقت جيڪي ڪتاب وارن مان (خدائي نظام جي خلاف سرڪشي ڪري) ڪافر ٿيا هئا تن کي پنهنجن گهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو. (اي مسلمانو!) اوهان اهو خيال ئي نہ ڪيو هو تہ، اهي ڪي نڪرندا. ۽ انهن

حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا ۗ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا يٰۤاُولِي الْاَبْصَارِ ۝٢

(ڪافرن) ھي خيال ڪيو ھو تہ سندن ڪوٽ انھن کي الله (جي عذاب) کا بچائڻ وارا آھن، پوءِ الله (جو عذاب) مٿن اتان پھتو جتان کين گمان ئي نہ ھو، ۽ سندن دلين ۾ (مسلمانن جي اھڙي) دھشت وڌائين جو پنھنجن ھٿن سان پنھنجا گھر ويران ڪرڻ لڳا ۽ (جن سرڪشي ڪئي تہ) ايمان وارن جي ھٿن سان (سندن گھر ويران ٿيڻ لڳا) تنھن ڪري اي اکين وارؤ! اوھين عبرت وٺو (تہ حق جي مخالفت جو نتيجو ڇا ٿيندو آھي.)

وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ۭ وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ۝٣

(٣) ۽ جيڪڏھن الله انھن جي لاءِ ديس نيڪالي نہ لکي ھا تہ انھن کي (ٻي طرح) دنيا ۾ سزا ڏئي ھا، ۽ انھن لاءِ آخرت ۾ باھ جو عذاب آھي ئي!

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَاۗقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاۗقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٤

(٤) اھو (عذاب) ھن ڪري آھي جو انھن الله (جي نظام جي) ۽ سندس رسول جي (جيڪو اھو نظام قائم ڪري رھيو ھو) مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي (حق ۽ انصاف واري نظام جي) مخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله جو عذاب سخت آھي.

مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَاۗىِٕمَةً عَلٰٓي اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٥

(٥) اوھان (محاصري وقت) جو بہ کجيءَ جو وڻ وڍيو يا انکي پنھنجين پاڙن تي بيٺل ڇڏيو، سو الله جي قانون مطابق آھي ۽ ھن ڪري تہ (الله) بدڪارن کي خوار ڪري ٿو.

وَمَآ اَفَاۗءَ اللّٰهُ عَلٰي رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰي مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٦

(٦) ۽ انھن مان جو ڪجھ الله پنھنجي رسول کي (جنگ ڪرڻ کان سواءِ ئي غنيمت ۾) ڏياريو سو (اي مسلمانو!) ان تي نہ اوھان گھوڙا ڊوڙايا ھئا ۽ نہ اُٺ پر الله (پنھنجي مشيت واري قانون مطابق) پنھنجن رسولن کي جنھن تي وڻيس تنھن تي غالب ڪري ٿو. ۽ الله سڀ ڪجھ ڪري سگھي ٿو.

مَآ اَفَاۗءَ اللّٰهُ عَلٰي رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَاۗءِ مِنْكُمْ ۭ وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۤ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٧

(٧) جيڪو ڪجھ الله پنھنجي رسول کي بستين مان (جنگ کان سواءِ) ڏياريو سو الله لاءِ ۽ رسول لاءِ ۽ (جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙن ۽ ان ۾ ڪپجندڙن جي) قرابت وارن ۽ يتيمن، مسڪينن (تہ جيئن انھن جي پرگھور ٿئي) ۽ مسافرن لاءِ آھي (جيڪي مدد جا محتاج ھجن) ، تہ اھو اوھان جي مالدارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ اچي، ۽ (اي مسلمانو!) جو ڪجھ اوھان کي رسول ڏئي تہ ان کي وٺو ۽ جنھن کان اوھان کي روڪي تہ ان کان رڪجي وڃو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله جو عذاب سخت آھي.

لِلْفُقَرَاۗءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ

(٨) (ان مال مان) انھن لڏي ايندڙ مسڪينن لاءِ آھي جيڪي پنھنجن گھرن ۽ پنھنجن مالن مان (زبردستي) ٻاھر ڪڍيا ويا آھن، (۽) ھو الله (جي قانون تي ھلي ان) جو فضل ۽ رضامندي گھرن ٿا ۽ الله ۽ سندس رسول

وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ۚ﴿۸﴾

جي مدد ڪن ٿا. اهي ئي سچا آهن (جن پنهنجي ايمان واري دعويٰ کي پنهنجي قربانين سان سچو ڪري ڏيکاريو آهي.)

وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ
يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُوْنَ فِيْ
صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَ
يُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ
خَصَاصَةٌ ۟ؕ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ
هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۚ﴿۹﴾

(۹) ۽ (انهن لاءِ آهي) جيڪي اسلام جي بادشاهيءَ (۾) ۽ ايمان (جي مرڪز) ۾ انهن (مهاجرن) ڪان اڳ رهيا پيا آهن، جي هنن ڏي لڏي آيا آهن، انهن سان (هو) محبت رکن ٿا ۽ جو ڪجهه انهن (پرديسين) کي ڏنو ويو ان جي ڪري پنهنجن دلين ۾ ڪا تنگي نٿا ڏسن ۽ (سڀ ڪنهن شيءِ ۾) پنهنجي جان ڪان به انهن کي اڳي رکن ٿا. توڙي کين تنگدستي ڇو نه هجي ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي بخل ڪان بچايا ويندا (۽ ايثار کي پنهنجو مرڪ بنائيندا) سي ئي ڪامياب آهن.

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا
اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا
بِالْاِيْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۧ﴿۱۰﴾

(۱۰) ۽ (انهن لاءِ به آهي) جيڪي انهن (مٿين ٻن قسمن جي حقدارن) ڪان پوءِ ايندا. چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بخش جيڪي ايمان آڻڻ ۾ اسان ڪان اڳي ٿيا آهن ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي باري ۾ ڪو ڪوٽ نه وجهه. اي اسان جا پالڻهار تون ته بيحد شفقت ڪندڙ نهايت رحم وارو آهين.

ركوع 2

**منافقن بزدل آهن، ڇاڪاڻ ته ماڻهن ڪان ڊڄن ٿا، الله ڪان نه ٿا ڊڄن، تنهن ڪري توهان انهن ڪان هرگز نه گهٻرايو.**

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا يَقُوْلُوْنَ
لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ
لَئِنْ اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ
فِيْكُمْ اَحَدًا اَبَدًا ۙ وَّاِنْ قُوْتِلْتُمْ
لَنَنْصُرَنَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ
لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۱﴾

(۱۱) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نه ڏٺو آهي جيڪي دغاباز ٿيا پنهنجن انهن (ڦڪري) ڀائرن کي چون ٿا جيڪي ڪتاب وارن مان ڪافر ٿيا ته قسم آهي ته جيڪڏهن اوهان کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي ته ضرور اسين به اوهان سان گڏ نڪرنداسون ۽ اوهان جي حق ۾ ڪڏهن به ڪنهن جو چيو نه مڃينداسون ۽ جيڪڏهن اوهان سان جنگ ٿي ته ضرور اسين اوهان جي مدد ڪنداسون ۽ (اي مسلمانو!) الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي (اوهان سان ته ٺهيو پر انهن سان به اهڙي دوستيءَ جي دعويٰ ۾) ڪوڙا آهن.

لَئِنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ۚ وَلَئِنْ
قُوْتِلُوْا لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ
لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۟ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۲﴾

(۱۲) تحقيق جيڪڏهن کين ملڪ نيڪالي ڏني ويئي ته اهي انهن سان کين نڪرندا ۽ جيڪڏهن انهن سان جنگ ٿي ته اهي انهن جي مدد به نه ڪندا ۽ جيڪڏهن اهي (ڪنهن عار ڪان) انهن جي مدد ڪندا ته ضرور پٺ ڦيري ڀڄندا، وري سندن (به ڪٿي) مدد نه ٿيندي.

لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ
اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿۱۳﴾

(۱۳) (اي مسلمانو!) بيشڪ اوهين انهن جي دلين ۾ الله ڪان به وڌيڪ دهشت وارا آهيو. اهو هن ڪري ته اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي (سگهه جي ايمان وارن محرڪن جي) سمجهه نٿا رکن.

لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَآءِ جُدُرٍ ؕ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ؕ تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّ قُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ۚ ﴿١٤﴾

(١٤) سڀ گڏجي اوهان سان کليل ميدان ۾ ڪڏهن بہ جنگ نہ ڪري سگهندا، پر ڪوٽ وارن ڳوٺن ۾ يا ڀتين جي پٺيان ٿي، پاڻ ۾ انهن جي اندروني ويڙهہ سخت آهي (اي ڳالهہ ٻڌندڙ) تون ڪين پائيندين تہ گڏ آهن (منجهن وڏو اتحاد آهي) پر حال هي آهي تہ سندن دليون ڌار ڌار آهن. اهو هن ڪري تہ اهي اهڙا ماڻهو آهن جي بي عقل آهن. (۽ نتا ڄاڻن تہ اصل ۾ دلي اتحاد ايمان ۽ هڪ ئي عمدي نصب العين تي هجڻ سان پيدا ٿئي ٿو.)

كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۚ ﴿١٥﴾

(١٥) (هنن جو قصو) انهن (منڪرن) جي قصي جهڙو آهي، جيڪي انهن کان اڳ هئا. انهن ويجهو ئي پنهنجي ڪم جو بڇڙو نتيجو چکيو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) (هنن منافقن جو قصو) شيطان جي قصي جهڙو آهي، جنهن وقت انسان کي چوي ٿو تہ، تون ڪفر ڪر! پوءِ جڏهن ڪفر ڪيائين تہ چوندو آهي تہ، (منهنجو انهيءَ ۾ ڇا وڃي) آئون توکان بيزار آهيان، آئون جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو.

فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ۧ ﴿١٧﴾

(١٧) پوءِ انهن ٻنهي جي پڇاڙي هي آهي تہ اهي ٻاهہ ۾ پيا رهندا ۽ جيڪي بہ ماڻهو ظلم ۽ زيادتي ڪن ٿا، انهن جو اهوئي حشر آهي.

رکوع 3

**رڳو الله کان ڊڄو ۽ سيڪو شخص ڏسي تہ سڀاڻي لاءِ ڇا تياري ڪئي اٿائين.**

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) اي ايمان وارو! (توهان بہ) الله کان ڊڄو ۽ سيڪو شخص ڏسي تہ سڀاڻ (مستقبل سنوارڻ) لاءِ اڳي ڪيو اٿس ۽ (وري وري) الله کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰهُمْ اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ انهن جهڙا نہ ٿيو جن (رڳو طبعي زندگيءَ جي پروش کي مقصد بڻايو ۽) الله کي وساريو پوءِ (ائين ڪرڻ جي ڪري) الله انهن کان سندن جانيون بہ وسارائي ڇڏيون. (يعني پاڻ کان بہ غافل ٿي ويا) اهي ئي (صحيح رستي کان هٽي غلط رستي تي هلندڙ) بدڪار آهن.

لَا يَسْتَوِيْٓ اَصْحٰبُ النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ؕ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) (پنهنجي تخليقي مقصدن کي وساريندڙ) ٻاهہ وارا ۽ (پنهنجي تخليقي مقصدن تي ڄمي بيٺل) جنت وارا (پنهنجي عملن جي نتيجي ۾) برابر نٿا ٿين. جنت وارا ئي ڪامياب آهن.

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

(٢١) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اسين هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها تہ، تون ان کي الله جي ڊپ کان عاجزي ڪندڙ ۽ ڦاٽي پوندڙ ڏسين ها. هي مثال اسين ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا تہ من اهي (عقل ۽

يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

فکر کان کم وٺن ۽) ڌيان ڪن (تہ اهڙي عظمت واري قرآن جي خلاف ورزيءَ جا نتيجا ڇا ٿي سگهن ٿا).

هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿٢٢﴾

(٢٢) الله (هن ڪتاب جو موڪليندڙ) اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. (سڄي ڪائنات تي سندس ڪارفرمائي آهي) ڳجهہ ۽ ظاهر ڪي ڄاڻڻ وارو آهي. اهوئي وڏو مهربان (پنهنجي ٻانهن تي) نهايت ٻاجهارو آهي.

هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي. (سموري ڪائنات تي) سندس حڪمراني هلندڙ آهي، (ان جي ڪامل ۽) پاڪ ذات، سيني عيبن کان سلامت، (ڪائنات جي ايذائيندڙ قوتن کان) امن ڏيڻ وارو، (ويچارن جي) نگهباني ڪرڻ وارو، (ظالمن کان ٻچائڻ وارو) زبردست، خودمختيار ۽ وڏائي جو سائين آهي. الله هن ڳالهہ کان پاڪ آهي جو ماڻهو ساڻس ڪنهن ٻئي (جي قوت ۽ اقتدار) کي شريڪ سمجهن.

هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٤﴾ ع

(٢٤) اهو الله ئي پيدا ڪرڻ وارو، (نقط آغاز کان) نئون بنائڻ وارو ۽ صورت ٺاهڻ وارو آهي. ان جا سڀ چڱا نالا (۽ صفتون) آهن. (هي تہ رڳو چند صفتون بيان ڪيل آهن) جو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو (سندس حڪم جي مطابق هلي ٿو ۽) سندس عظمت جي شهادت ڏئي ٿو ۽ اهوئي زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

**سورة الممتحنة (معنيٰ: ظاهر ڪرڻ واري) مدني**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جنگي راز کولي ويهڻ زبردست گمراهي آهي. ابراهيم جي طريقي تي هلي ڪافرن کان پاسيرا ٿيو**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ۚ يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ ۖ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ۖ وَاَنَا اَعْلَمُ بِمَآ اَخْفَيْتُمْ وَمَآ اَعْلَنْتُمْ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١﴾

(١) ايمان وارؤ! اوهين منهنجن دشمنن ۽ پنهنجن دشمنن (ڪافرن) کي دوست نہ بڻايو! اوهين انهن ڏي دوستيءَ جا پيغام موڪليو ٿا. هوڏانهن جيڪو حق اوهان وٽ آيو آهي، ان جو اهي انڪار ڪري چڪا آهن. رسول ۽ اوهان کي (پنهنجي ديس مان) هن ڪري ڪڍن ٿا جو اوهين پنهنجي پالڻهار الله کي مڃيو ٿا. جيڪڏهن اوهين (منهنجي قانونن جي پيروي ڪندي) منهنجي رستي ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ۽ منهنجي رضامندي گهرڻ لاءِ نڪتا آهيو (۽ ٻئي پاسي) اوهين لڪي انهن (منڪرن) سان دوستي رکو ٿا. هوڏانهن جيڪي اوهين لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ان کي آئون چڱيءَ ڄاڻندڙ آهيان ۽ جيڪو اوهان مان اهو ڪم ڪندو سو بيشڪ سڌي رستي کان گمراهہ ٿي پري وڃي پيو.

إِنْ يَثْقَفُوكُمْ يَكُونُوا لَكُمْ أَعْدَاءً وَّيَبْسُطُوٓا
إِلَيْكُمْ أَيْدِيَهُمْ وَأَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوٓءِ وَ
وَدُّوا لَوْ تَكْفُرُونَ ۝٢

(٢) جيڪڏهن اوهين انهن جي هٿ اچي ويندؤ ته (پوءِ ڏسندؤ ڪيئن) هو اوهان جا دشمن ٿي پوندا ۽ اوهان ڏي بڇڙائيءَ سان پنهنجو هٿ ۽ زبانون ڊگهيون (ڪري هر قسم جون اذيتون) ڏيندا ۽ هي خواهش اٿن ته اوهين (دين کان منحرف ٿي وري) ڪافر ٿيو.

لَنْ تَنْفَعَكُمْ أَرْحَامُكُمْ وَلَآ أَوْلَادُكُمْ ۚ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا
تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ۝٣

(٣) (جيتوڻيڪ اوهان جون انهن سان مائٽيون آهن پر) قيامت جي ڏينهن نه اوهان جون مائٽيون ۽ نه اوهان جا اولاد اوهان کي فائدو پهچائيندا، الله اوهان جي وچ ۾ سنڌو وجهندو (توهان کي توهان جا عمل ئي ڪم ڏيندا) ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن کي الله ڏسي رهيو آهي.

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيٓ إِبْرٰهِيمَ وَ
الَّذِينَ مَعَهُ ۚ إِذْ قَالُوا لِقَوْمِهِمْ إِنَّا بُرَءٰٓؤُا
مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُونَ مِنْ دُونِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا
بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَ
الْبَغْضَآءُ أَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ إِلَّا
قَوْلَ إِبْرٰهِيمَ لِأَبِيهِ لَأَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَآ
أَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۗ رَبَّنَا عَلَيْكَ
تَوَكَّلْنَا وَإِلَيْكَ أَنَبْنَا وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ ۝٤

(٤) (مٿئين ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ) بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا تن (جي طريقي) ۾ اوهان لاءِ چڱي پيروي آهي. جڏهن انهن پنهنجي قوم کي چيو ته، اسين اوهان کان ۽ جن جي اوهين الله کان سواءِ (پيروي) ۽ پرستش ڪريو ٿا، تن کان بيزار آهيون. اسان اوهان (جي عقيدي) جو انڪار ڪيو ۽ اسان ۽ اوهان جو سچ ۾ دشمني ۽ وير هميشه لاءِ پڌرو ٿي چڪو (سو تيستائين رهندو) جيستائين اڪيلي الله کي (نه) مڃيو. پر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ کي (صرف ايترو) چوڻ (هو) ته آئون ضرور تو لاءِ معافي گهرندس، توڙي جو آئون تو لاءِ الله جي طرفان ڪنهن شيءِ جو به اختيار نه نٿو رکان. (جڏهن پڻس ايمان نه آندو تڏهن ابراهيم چيو ته) اي اسان جا پالڻهار! توتي اسان ڀروسو ڪيو، (تنهنجي هدايت قانون جي صداقت جو اسان کي يقين آهي) ۽ توڏي موٽيا آهيون ۽ (سڀ ڪنهن جو) توڏي ئي موٽڻ آهي.

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِينَ كَفَرُوا وَاغْفِرْ
لَنَا رَبَّنَا ۚ إِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ۝٥

(٥) اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ڪافرن جي زيردست نه ڪر ۽ اسان کي حفاظت ۾ رک. اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ تون سڀني جي مٿان غالب (۽) حڪمت وارو آهين.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيهِمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ
كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ
فَإِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ ۝٦

(٦) بيشڪ ان (ابراهيمي) جماعت ۾ اوهان مان جيڪو الله (جي قربت) ۽ قيامت جي ڏينهن (اچڻ) جي اميد رکي ٿو، ان لاءِ چڱي پيروي آهي. ۽ جيڪو منهن موڙيندو ته الله (انسانن جي مڃتا جو محتاج ڪونهي، هو) بي پرواهه (۽) ساراهيل آهي.

رڪوع 2

**مسلمان مردن لاءِ ڪافر زالون ۽ مسلمان عورتن لاءِ ڪافر مڙس حلال نا هن.**

عَسَى اللّٰهُ أَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِينَ
عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ۚ وَاللّٰهُ قَدِيرٌ ۚ وَاللّٰهُ
غَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝٧

(٧) اميد آهي ته الله اوهان ۽ انهن جي وچ ۾، جن سان اوهان دشمني رکي آهي، دوستي پيدا ڪري ڏي ۽ الله سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ الله معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٨

(٨) الله اوهان کي انهن کان نٿو جهلي جن نه اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ نه اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ته (انهيءَ صورت ۾) اوهين انهن سان ڀلائي ڪريو ۽ انهن سان انصاف جو معاملو ڪريو. بيشڪ الله ته انصاف وارن کي پيارو رکي ٿو.

اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓي اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٩

(٩) الله رڳو اوهان کي انهن کان جهلي ٿو جن اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي ته (ان صورت ۾) اوهين انهن سان دوستي نه رکو، ۽ جيڪي ساڻن دوست رکندا سي ئي (مسلمانن سان) زيادتي ڪندڙ آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَاۗءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ۭ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ۭ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ۭ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ۭ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۭ وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْـَٔــلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْـَٔــلُوْا مَآ اَنْفَقُوْا ۭ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ۭ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝١٠

(١٠) اي ايمان وارؤ! جڏهن به اوهان وٽ ايمان واريون زالون لڏي اچن ته انهن (جي ايمان) کي جاچيو، الله ته انهن جي ايمان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، (پر اوهان جي لاءِ تحقيق ڪرڻ ضروري آهي). پوءِ جيڪڏهن (تحقيق مان) اوهان کي معلوم ٿئي ته اهي ايمان واريون آهن ته انهن کي ڪافرن ڏي نه موٽايو، نه اهي (مسلمان زالون) انهن لاءِ حلال آهن ۽ نه اهي (ڪافر مرد) هنن لاءِ حلال ٿيندا. ۽ جو ڪجهه انهن (ڪافر مردن شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو کين موٽائي ڏيو ۽ (بعد ۾) اوهان تي انهن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪجهه به گناه نه آهي، جڏهن جو اوهين کين سندن مهر ڏيو ۽ ڪافر زالن (جن ايمان نه آندو آهي تن) جي عزت پنهنجي قبضي ۾ نه رکو ۽ جيڪو اوهان (شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو گهري وٺو ۽ جو انهن (ڪافرن) خرچ ڪيو هجي (زالن جي مسلمان ٿي لڏي اچڻ تي) سو اهي گهري وٺن. اهو الله جو حڪم آهي، الله اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ (اختلافي معاملا ان جي حڪمن مطابق حل ڪيو، ڇاڪاڻ ته) الله علم (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ۝١١

(١١) ۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا اوهان جي هٿ کان نڪري ڪافرن ڏي وڃي (۽ اهي شاديءَ جا خرچ ادا نه ڪن ته) پوءِ اوهان جي سزا ڏيڻ جو وارو اچي (۽ مال غنيمت ملي) ته جن جون زالون ويون هجن انهن کي (ان مان) ايترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو هجي، ۽ (ڏسو زياتي نه ڪجو) ان الله کان ڊڄو جنهن کي اوهين مڃيو ٿا.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَاۗءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓي اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْـــًٔا وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ

(١٢) اي نبي! جڏهن مومن عورتون (هجرت ڪري) تو وٽ اچي هن ڳالهه تي بيعت ڪن ته نه الله سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪنديون ۽ نه چوري ڪنديون، نه زنا ڪنديون، نه پنهنجن ٻچن کي ڪهنديون، نه پنهنجن هٿن

بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَ اَرْجُلِهِنَّ وَ لَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾

۽ پيرن سان (ديده دانسته) تهمت ناهي ڪنهن تي هڻنديون ۽ نه ڪنهن چڱي ڳالهه ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون ته تون سندن بيعت قبول ڪر. ۽ انهن ڪي الله جي حفاظت واري نظام ۾ آڻ! بيشڪ الله (ان نظام هيٺ سيني ڪي) حفاظت ۾ وٺندڙ نهايت رحم وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ﴿۱۳﴾

(١٣) اي ايمان وارو! اوهين اهڙي قوم سان دوستي نه رکو جن تي الله (خدائي نظام جي مخالفت جي بنياد تي) ڪاوڙيو آهي. اهي آخرت کان اهڙا نااميد ٿيا آهن جيئن ڪافر قبرن وارن (جي ٻيهر جيئري ٿيڻ) کان نااميد ٿيا.

## سورة الصف (معنيٰ: (جنگ لاءِ) صف ٻڌڻ) مدني

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**اهڙي ڳالهه چو ٿا چئو جيڪا نٿا ڪريو.**

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱﴾

(١) جو ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجھ زمين ۾ آهي، سو الله جي (مقرر ڪيل نظام تي هلندي سندس عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو، ۽ اهوئي زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲﴾

(٢) اي ايمان وارو! (اوهان ٻي پنهنجو عمل ان جي قانونن تي پابنديءَ سان هلندي ڏيکاريو ۽) اهڙي ڳالهه چو ٿا چئو جا نٿا ڪري سگهو؟

كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۳﴾

(٣) جيڪي اوهين (عملي طرح) نٿا ڪريو سا ڳالهه (زباني طرح) چوڻ الله وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهه آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ ﴿۴﴾

(٤) بيشڪ الله انهن کي دوست رکي ٿو جيڪي (عملي طرح) سندس رستي ۾ صفون ٻڌي جنگ ڪن ٿا (۽ پنهنجي ان عمل تي ايڏو مضبوطيءَ سان بيٺل آهن) ڄڻ ته اهي شيهي پلٽيل پٽ آهن.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَ قَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ ؕ فَلَمَّا زَاغُوْۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۵﴾

(٥) ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجي قوم کي چيو ته، اي منهنجي قوم! چو مون کي ڏکويو ٿا. اوهين ته ڄاڻو ٿا ته بيشڪ آئون اوهان جي طرف الله جو موڪليل آهيان. (۽ ان جي تجويز ڪيل رستي تي اوهان کي سڏيان ٿو) پوءِ جڏهن ڏنگا ٿيا ته الله بي (ڏکهو رسو ڏيئي) سندن دلين کي (پوريءَ طرح) ڏنگو ڪيو، ۽ (جيڪو ڄاڻي واڻي غلط رستن تي هلندو ته ان سرڪشيءَ جي ڪري الله (اهڙي) بدڪار قوم کي رستو نٿو ڏيکاري.

وَ اِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ

(٦) ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن مريم جي پٽ عيسىٰ چيو ته، اي بني

إِنِّي رَسُولُ اللَّهِ إِلَيْكُمْ مُصَدِّقًا لِمَا بَيْنَ
يَدَيَّ مِنَ التَّوْرَاةِ وَمُبَشِّرًا بِرَسُولٍ يَأْتِي
مِنْ بَعْدِي اسْمُهُ أَحْمَدُ ۖ فَلَمَّا جَاءَهُمْ
بِالْبَيِّنَاتِ قَالُوا هَٰذَا سِحْرٌ مُبِينٌ ﴿٦﴾

اسرائيل! بيشڪ آئون اوهان جي طرف الله جو موڪليل آهيان. (مان ڪا نئين شريعت ڪٺي نہ آيو آهيان بلڪ) جيڪو تورات منهنجي اڳيان آهي ان کي سچو چوندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي رسول جي خوشخبري ٻڌائيندڙ جو مون کان پوءِ ايندو. ان جو نالو احمد (الله جي گهڻي تعريف ڪرڻ وارو) هوندو. پوءِ اهو جڏهن وٽن پڌريون نشانيون کڻي آيو تڏهن (حضرت موسىٰ کان وٺي حضرت عيسىٰ تائين نبين کي تنگ ڪندڙ ساڳين بني اسرائيلن) چيو تہ هي پڌرو جادو آهي.

وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ وَ
هُوَ يُدْعَىٰ إِلَى الْإِسْلَامِ ۚ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي
الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿٧﴾

(٧) ۽ ڪير ان کان وڌو ظالم آهي جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي ٿو، هوڏانهن ان کي اسلام (سلامتيءَ واري طريقي تي) ڏانهن سڏيو وڃي ٿو. ۽ الله زيادتي ڪندڙ قوم کي رستو نٿو ڏيکاري.

يُرِيدُونَ لِيُطْفِئُوا نُورَ اللَّهِ بِأَفْوَاهِهِمْ وَاللَّهُ
مُتِمُّ نُورِهِ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ ﴿٨﴾

(٨) اُهي (ڪافر) گهرن ٿا تہ الله جي روشنيءَ کي پنهنجن واتن سان ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏين، هوڏانهن الله پنهنجي نور کي پورو ڪرڻ وارو آهي، توڙي جو (اڪين ٻوٽ) ڪافرن کي برو لڳي.

هُوَ الَّذِي أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ
الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ عَلَى الدِّينِ كُلِّهِ وَلَوْ كَرِهَ
الْمُشْرِكُونَ ﴿٩﴾

(٩) هو اُهو آهي جنهن پنهنجي رسول (محمد ﷺ) کي سڌي رستي جي سمجهہ ۽ (زندگيءَ جي ضابطي جو) مڪمل ۽ سچو دين ڏيئي موڪليو تہ ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري توڙي جو مشرڪن کي برو لڳي.

رڪوع 2

حضرت عيسىٰ تورات ۾ حضرت جن جي متعلق پيشنگوئيءَ جي تصديق ڪئي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلَىٰ تِجَارَةٍ
تُنْجِيكُمْ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿١٠﴾

(١٠) اي ايمان وارو! (جيڪي دنيوي ڪاروبار ۾ مشغول آهيو) ڇا آءٌ اوهان کي اهڙيءَ سوداگريءَ جي خبر ڏيان جا اوهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي؟

تُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ وَتُجَاهِدُونَ فِي
سَبِيلِ اللَّهِ بِأَمْوَالِكُمْ وَأَنْفُسِكُمْ ۚ ذَٰلِكُمْ
خَيْرٌ لَكُمْ إِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿١١﴾

(١١) الله ۽ سندس رسول تي ڪامل ايمان آڻيو ۽ الله جي رستي ۾ (خدائيءَ نظام قائم ڪرڻ لاءِ) پنهنجن مالن ۽ جانين سان جنگ ڪريو، اهو (سودو) اوهان لاءِ تمام چڱو آهي جيڪڏهن اوهين ڄاڻو.

يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنَّاتٍ
تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ وَمَسَاكِنَ طَيِّبَةً
فِي جَنَّاتِ عَدْنٍ ۚ ذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿١٢﴾

(١٢) (ائين ڪندو تہ الله) اوهان جي غلطين کي (هن دنيا ۾ بہ) معاف ڪندو ۽ (آخرت ۾ بہ) اوهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهہ وهن ٿا ۽ سٺين جاين ۾ بہ (داخل ڪندو) جيڪي رهڻ وارن باغن ۾ هونديون. اها وڏي ڪاميابي آهي. ان لاءِ جيڪو پاڻ کي لهڻيدار بڻائي.

وَأُخْرَىٰ تُحِبُّونَهَا ۖ نَصْرٌ مِنَ اللَّهِ وَفَتْحٌ
قَرِيبٌ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ هڪڙي ٻي بہ ڳالهہ (اوهان کي ڏيندو) جنهن کي اوهين (خاص طور تي) پسند ڪريو ٿا (يعني) الله جي طرفان مدد ۽ جلد فتحيابي ۽ ايمان وارن کي (ان جي) خوشخبري ٻڌاءِ.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْۤا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ ۚ فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) اي ايمان وارو! (هي سڀ ڪجھ پاڻهي ڪونہ ٿيندو، بلڪ ان لاءِ) الله جي دين جا مددگار ٿيو، جيئن مريم جي پٽ عيسىٰ پنهنجن يارن کي چيو تہ الله جي رستي ۾ منهنجا مددگار ڪير بڻجن ٿا؟ انهن يارن چيو تہ اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون. (انهن ڪوشش ڪان پوءِ) بني اسرائيلن مان ڪجھ ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪجھ ماڻهو منڪر ٿي بيٺا. پوءِ اسان ايمان وارن کي سندن دشمنن تي طاقت ڏني پوءِ اهي غالب ٿيا.

**سورة الجمعہ (معني: گڏ ٿيڻ) مدني**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**حضرت جن سيني قومن لاءِ رسول آهن، پاڻ سڳورن جو منصب.**

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿۱﴾

(١) جو ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجھ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر ڪيل نظام تي هلندي سندس عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو، جو بادشاهہ پاڪ ذات ۽ زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِى الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿۲﴾

(٢) هو اُهو آهي جنهن (ڪائنات جي نظام کي ترتيب ۾ رکڻ وانگر انساني نظام کي ترتيب ۾ رکڻ لاءِ) اڻ پڙهيلن ۾ (جن کي اڳ عرصي ڪان آسماني ڪتاب نہ مليو هو) انهن مان هڪ رسول موڪليو جيڪو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ کين (تربيت سان) پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ عقلمندي (ٻيا علم ۽ فهم) سيکاري ٿو، ۽ بيشڪ اهي تہ هن کان اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا.

وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۳﴾

(٣) ۽ انهن مان ٻين لاءِ بہ (جيڪي بعد ۾ ايندا ان کي (ئي) موڪليو اٿس) جيڪي اڃا تائين مسلمان سان نہ مليا آهن ۽ اهو (هينئر عالمگير نبوت ڏيڻ ۾) زبردست حڪمت وارو آهي.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۴﴾

(٤) اهو (وحي جو اچڻ) الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس (جو پنهنجي مشيت سان وحي جي مخاطبن کي ان لائق سمجهي) تنهن کي ڏئي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵﴾

(٥) جن کي تورات (جو ڪتاب) کڻايو ويو، پوءِ ان کي نہ ڪنيائون، انهن جو مثال گڏھ جي مثال جهڙو آهي، جو (گهڻا) ڪتاب کڻي وڃي ٿو. جن ماڻهن الله جي آيتن کي (پنهنجي بي عملين جي انڪار سان) ڪوڙو ڪيو تن جي حالت ڪهڙي نہ بڇڙي آهي. ۽ الله (اهڙي) زيادتي ڪندڙ قوم کي رستو نٿو ڏيکاري.

قُلۡ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ هَادُوۡۤا اِنۡ زَعَمۡتُمۡ اَنَّكُمۡ اَوۡلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنۡ دُوۡنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الۡمَوۡتَ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝٦

(٦) (اي پيغمبر!) چئو تہ اي يهوديو! جيڪڏهن اوهين هي دعويٰ ڪريو ٿا تہ سيني ماڻهن (منجهئون) رڳو اوهين الله جا دوست آهيو تہ (پوءِ ان جي آزمائش هي آهي تہ سندس رستي ۾) موت جي خواهش ڪريو جيڪڏهن (ان دعويٰ ۾) سچا آهيو.

وَلَا يَتَمَنَّوۡنَهٗۤ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِالظّٰلِمِيۡنَ ۝٧

(٧) هوڏانهن اهي ڪڏهن بہ اها خواهش نہ ڪندا، انهن ڪمن جي (پوَ) ڪري جن کي سندن هٿن اڳي (آخرت لاءِ) موڪليو آهي ۽ الله مجرمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

قُلۡ اِنَّ الۡمَوۡتَ الَّذِيۡ تَفِرُّوۡنَ مِنۡهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيۡكُمۡ ثُمَّ تُرَدُّوۡنَ اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ۝٨

(٨) (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ جنهن موت کان اوهين ڀڄو ٿا سو (ضرور هڪ نہ هڪ ڏينهن) اوهان کي پهچڻ وارو آهي. وري ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ واري ڏي اوهان کي موٽايو ويندو، پوءِ جيڪي اوهين ڪريو پيا تنهن جي (نتيجي جي) اوهان کي خبر ڏيندو.

رڪوع 2

**جڏهن جمعي جي نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي تہ سودي ۽ واپار کي ڇڏي ڏيو.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نُوۡدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنۡ يَّوۡمِ الۡجُمُعَةِ فَاسۡعَوۡا اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الۡبَيۡعَ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ۝٩

(٩) اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي تہ (اجتماعي طرح) الله جي ياد ڪرڻ لاءِ جلد ڪريو ۽ سودي واپار (۽ ٻين مشغولين) کي ڇڏي ڏيو. (اچي الله جا قانون ۽ هدايتون ٻڌو جن جي مطابق توهان کي هلڻو آهي.) اهو (اجتماع) اوهان لاءِ گهڻو چڱو آهي، جيڪڏهن اوهين (ان جا نتيجا) ڄاڻو!

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانۡتَشِرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ وَابۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ وَاذۡكُرُوا اللّٰهَ كَثِيۡرًا لَّعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ۝١٠

(١٠) پوءِ جڏهن نماز ٿي وڃي تہ (پلي) زمين تي پکڙجي وڃو ۽ (حلال رزق ذريعي) الله جو فضل گهرو ۽ (دنيا جي سيني ڪمن ۾) الله (جي قانونن تي عمل ڪندي ان) کي گهڻو ياد ڪريو تان تہ اوهين ڪامياب ٿيو.

وَاِذَا رَاَوۡا تِجَارَةً اَوۡ لَهۡوَا۟ اۨنۡفَضُّوۡۤا اِلَيۡهَا وَتَرَكُوۡكَ قَآئِمًا ؕ قُلۡ مَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ مِّنَ اللَّهۡوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ ۝١١

(١١) (اي پيغمبر!) اهي جڏهن ڪو واپار يا ڪو تماشو ڏسن ٿا تہ ان ڏي ٽڙي پکڙي وڃن ٿا ۽ تو کي (خطبي ۾) بيٺل ڇڏي ٿا ڏين. (اي پيغمبر!) تون چئو تہ جو الله وٽ آهي سو تماشي ۽ واپار کان گهڻو چڱو آهي ۽ الله سيني کان چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

## سورة المنافقون—مدني

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**منافقن جي نفسيات ۽ ڪرتوت**

اِذَا جَآءَكَ الۡمُنٰفِقُوۡنَ قَالُوۡا نَشۡهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوۡلُ اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوۡلُهٗ ؕ وَ

(١) (اي پيغمبر!) جڏهن تو وٽ منافق اچي چون ٿا تہ اسين شاهدي ڏيون ٿا تہ بيشڪ تون الله جو موڪليل آهين ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ (هي ماڻهو رڳو

اللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ۝١

زبان سان اھا ڳالھ چون ٿا ۽ دل سان توکي رسول نٿا مڃن) بيشڪ تون تہ ان جو ئي موڪليل آھين ۽ الله شاھدي ڏئي ٿو تہ بيشڪ منافق (زباني اظھار ۾) ڪوڙا آھن.

اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٢

(٢) انھن پنھنجن قسمن کي (پنھنجي جان ۽ مال بچائڻ لاءِ) ڍال ڪري ورتو آھي، پوءِ اھي (ٻين کي بہ) الله جي رستي کان پيا روڪين. بيشڪ اھي جو ڪجھ پيا ڪن سو (سندن لاءِ ئي) ڪھڙو نہ بڇڙو آھي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ۝٣

(٣) اھو ھن ڪري تہ انھن ايمان آندو، وري انڪار ڪيائون، پوءِ (ٻيائيءَ جي ريت تي ھلڻ ڪري) انھن جي دلين تي مھر لڳي وئي، سو ھاڻي انھن ۾ سوچڻ ۽ سمجھڻ جي صلاحيت ئي نہ رھي.

وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ؗ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝٤

(٤) ۽ (اي پيغمبر!) جڏھن تون ڪين ڏسندين تہ (ظاھري طرح) توکي سندن جثا معتبر لڳندا. ۽ جيڪڏھن ڳالھ ڪندا تہ (اھڙا ميسٽا ٿي جو) تون سندن ڳالھ (ھمدرديءَ سان) ٻڌندين. (حقيقت ۾ اھي اندران اڌوھي کاڌل آھن) ڄڻ تہ اھي ٽيڪ تي بيھاريل بند آھن. (بزدل وري اھڙا آھن جو) ھرھڪ ھڪل کي پنھنجي لاءِ (مصيبت) سمجھن ٿا. (اي پيغمبر!) اھي ئي تنھنجا دشمن آھن، سو انھن کان بچندو رھ. الله جي مٽن مار پوي جو ڪيڏانھن ابتي روش ورتي اٿن.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ۝٥

(٥) ۽ جڏھن ڪين چيو وڃي ٿو تہ، اچي (پنھنجي ڪمزورين ۽ ڪوتاھين جو اقرار ڪريو) تہ الله جو رسول اوھان لاءِ معافي گھري تہ پنھنجا متا موڙين ٿا ۽ (اي پيغمبر!) تون (ان وقت) ڪين ڏسندين تہ وڏائي ڪري منھن موڙين ٿا.

سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٦

(٦) انھن جي لاءِ ٻئي ڳالھيون برابر آھن تہ تون انھن لاءِ (تباھيءَ کان بچڻ جي دردمندي رکندي) معافي گھرين ٿا نہ گھرين. الله ڪين ڪڏھن بہ معاف نہ ڪندو. بيشڪ الله (سرڪشيءَ تي سندرو ٻڌل) بدڪار قوم کي رستو نٿو ڏيکاري.

هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ۝٧

(٧) ھي اھي آھن جو چون ٿا تہ، جيڪي (ماڻھو) الله جي رسول وٽ آھن، تن تي خرچ نہ ڪريو تہ اھي (ٻڪ وڃئون) ٽڙي پکڙي وڃن (۽ رسول جي مشن ناڪام ٿئي) ۽ (حقيت ھيءَ آھي تہ) آسمانن ۽ زمين جا سڀ خزانا الله جا آھن پر منافق (انھيءَ راز کي) نٿا سمجھن.

يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ

(٨) چون ٿا تہ، ضرور جيڪڏھن اسين مديني ڏي موٽياسون تہ (پوءِ ڏسجو) وڏيڪ عزت وارو (منافق ٽولو) وڏي بي عزت (مسلمان جماعت)

وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٨

ڪي اتان ڪيڏي ڇڏيندو، هوڏانهن عزت ۽ غالبو الله، سندس رسول ۽ مومنن ڪي آهي پر منافق نٿا ڄاڻن.

رڪوع 2

**اوهان ڪي پنهنجا مال ۽ اولاد جي ياد ڪان غافل نہ ڪن**

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝٩

(٩) اي ايمان وارو! نہ ڪي اوهان ڪي پنهنجي مال (وڌائڻ جي هٻچ) ۽ ڪي اولاد (جي مستقبل حَسين بنائڻ جي اجائي بيقراري) الله جي ياد ڪرڻ ۽ فرمانبرداريءَ ڪان غافل ڪن ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي نقصان پائڻ وارا آهن.

وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝١٠

(١٠) ۽ جو اوهان ڪي اسان رزق ڏنو آهي سو هن ڪان اڳي خرچ ڪريو جو اوهان مان ڪنهن وٽ موت اچي وڃي پوءِ (حسرت ڪري) چوي تہ، اي منهنجا پالينداڙ! جيڪر مون ڪي ٿوري مدت تائين مهلت ڏئين ها تہ خيرات ڪريان ها ۽ (انهن چڱن ماڻهن مان ٿيان ها! (جيڪي تنهنجي نظام ۽ مخلوق لاءِ خرچ ڪري، انسانيت ڪي سنوارين ۽ پنهنجي ذات ڪي سرخرو ڪن ٿا.)

وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝١١

(١١) هوڏانهن الله (پنهنجي مقرر قانون هيٺ) ڪڏهن بہ ڪنهن ڪي مهلت ڏيڻ وارو نہ آهي، جڏهن سندس مقرر وقت اچي ويندو. (سو جيڪي ڪرڻو آهي ان ۾ دير نہ ڪيو) ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهنجي (نيت ۽ جذبن جي) الله خبر رکندڙ آهي.

**سورة التغابن ( معني : کٽڻ هارائڻ ) مدني**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جنهن ڏينهن الله اوهان ڪي گڏ ڪندو اهو ئي کٽڻ ۽ هارائڻ جو ڏينهن آهي.**

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝١

(١) جو ڪجهہ آسمان ۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر قانون تي هلندي ان جي عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو. ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ ان جي ئي تعريف آهي ۽ هر (شيءِ ڪي پنهنجي مقرر قانونن تي هلائڻ جي) انهيءَ ڪي سڀ ڪا قدرت حاصل آهي.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٢

(٢) هو اهو آهي جنهن اوهان ڪي (انسان ڪري) پيدا ڪيو (اوهان ڪي ارادي ۽ اختيار جي سگهہ مليل آهي، ان سگهہ جو نتيجو آهي جي) ڪو اوهان مان ڪافر ۽ ڪو اوهان مان ايمان وارو آهي. ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا (ان جا نتيجا ان مڪافات واري قانون هيٺ جڙن ٿا) تنهن ڪي الله ڏسندڙ آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ۝٣

(٣) آسمانن ۽ زمين کي تدبير سان (خوبين وارو) بنايو اٿس ۽ اوهان جون صورتون (خوبين واريون) بنايون اٿس، پوءِ اوهان جي صورتن کي (ڪارگر ڪري) چڱو ڪيو اٿس (تہ جيئن ان معيار کي سامهون رکي خدا جي صفتن کي پاڻ ۾ اوتيو. زندگي جي اصل ريت اها ئي آهي ۽ پوءِ) ان ڏي ئي موٽڻ آهي.

يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٤

(٤) جو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، انکي ڄاڻي ٿو. ۽ جو لڪايو ٿا ۽ جو ظاهرظهور ڪريو ٿا، ان کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ الله دلين جي (اندر پچندڙ پهن، خيالن ۽) ڳالهين کي ڄاڻندڙ آهي. (انهيءَ ڪري ممکن ئي ڪونهي تہ انسان جو عمل نتيجي بنا رهجي وڃي.)

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ۡ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٥

(٥) ڇا اوهان کي انهن جي خبر نہ پهتي جيڪي هن کان اڳي ڪافر ٿيا، پوءِ انهن (دنيا ۾) پنهنجي ڪم جي سزا (جو مزو) چکيو ۽ (آخرت ۾ بہ) انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا ۡ فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّاسْتَغْنَى اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝٦

(٦) اهو هن ڪري تہ انهن وٽ سندن رسول ظاهر نشانيون، دليل ۽ قانون کڻي ايندا هئا، پوءِ تن چيو تہ اسان کي (اسان جهڙا) ماڻهو رستو ڏيکاريندا ڇا؟ (حالانڪ انهن کي تہ الله جي ڳالھ ڏسڻي هئي) پوءِ (غور ڪرڻ بنا تڪبر وچئون) انڪار ڪيائون ۽ منهن ڪوڙي ڇڏيائون ۽ الله بہ (سندن) پرواھ نہ ڪئي ۽ الله بي پرواھ ساراهيل آهي.

زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ۭ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ ۭ وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۝٧

(٧) ڪافر دعويٰ ڪن ٿا تہ ڪين ڪڏهن بہ جيئرو ڪري نہ اٿاريو ويندو. (اي پيغمبر! ڪين) چئون تہ، ڇو نہ! آئون پنهنجي پالڻهار جو قسم کڻان ٿو تہ اوهان کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. پوءِ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي اوهان کي خبر ڏني ويندي ۽ اهو (ڪم) الله لاءِ (بيحد) آسان آهي.

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٨

(٨) تنهن ڪري الله ۽ سندس رسول تي ۽ ان نور (قرآن) تي جو اسان (عقل جي رهنمائي لاءِ روشني ڪري) نازل ڪيو آهي، ايمان آڻيو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. (جو سڀ ڪم ان جي مڪافات واري قانون جي نگاھ ۾ هوندا آهن).

يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ ذٰلِكَ

(٩) (جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪيو تہ پوءِ) جنهن ڏينهن الله اوهان کي (آخري فيصلي طور) گڏ ٿيڻ جي ڏينهن لاءِ گڏ ڪندو، اهوئي کٽڻ هارائڻ جو ڏينهن آهي ۽ جيڪي الله تي ايمان رکندڙ هوندا ۽ چڱو عمل ڪندا رهيا تہ انهن کان سندن مدايون ميٽي ڇڏيندو ۽ انهن کي اهڙن باغن

الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ⑨

۾ داخل ڪندو جن هي هيٺان نهرون وهن ٿيون. انهن ۾ هميشہ رهندا. اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ⑩

(١٠) ۽ جن (دنيا جي زندگيءَ ۾) انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو سي ئي باھ وارا آهن، ان ۾ پيا رهندا ۽ اها موٽڻ جي جاءِ ڏاڍي بڇڙي آهي.

رڪوع 2

## اوهان جا مال ۽ اوهان جي اولاد رڳو آزمائش آهن.

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ⑪

(١١) ڪابہ اڻوٽندڙ ڳالھ الله جي (مقرر قانونن) کان سواءِ نٿي ٿئي. ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو (تہ پنهنجي عقل ۽ فهم سان الله جي مقرر قانونن جي اها هدايت واري روشني ماڻيندو. نتيجي ۾) اهو سندس دل کي (مصيبتن کان بچڻ جو) رستو ڏيکاريندو ۽ الله سڀ ڪنهن شيء کي ڄاڻندڙ آهي.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰي رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ⑫

(١٢) ۽ الله جو حڪم مڃيو ۽ رسول جو حڪم مڃيو، پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ (ان ۾ اوهان جو پنهنجو ئي نقصان آهي) اسان جي رسول تي تہ رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ جو ڪم آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ وَعَلَي اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ⑬

(١٣) الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت ۽ فرمانبرداريءَ جي لائق نہ آهي ۽ الله (جي قانونن جي محڪميت ۽ ٺوس هئڻ) تي ئي ايمان وارن کي ڀروسو ڪرڻ گھرجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑭

(١٤) اي ايمان وارؤ! ڪي اوهان جون زالون ۽ اولاد (خدا جي فرمانبرداري واري نظام ۾ عملي شرڪت تي) اوهان جا دشمن آهن. پوءِ (انهن کي ساڳي انسانيت عامہ جي فڪر تي وٺي اچو پر) انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهن (ڪا اڙي ڪري وجهن تہ ڪين) معاف ڪريو، مڙي وڃو ۽ بخش ڪريو تہ الله گھڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ⑮

(١٥) اوهان جا مال ۽ اولاد رڳو آزمائش آهن ۽ (اوهان خدائي قانونن تي هلي ان آزمائش ۾ پار پئو تہ پوءِ) الله وٽ (پار پوڻ وارن لاءِ) وڏو اجر آهي.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَاَنْفِقُوْا خَيْرًا لِّاَنْفُسِكُمْ ۭ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ⑯

(١٦) سو جيترو تي سگھيو اوترو الله کان ڊڄو ۽ (الله جا احڪام) ٻڌو ۽ چيو مڃيو ۽ (پنهنجي ڪمائي خدا جي پالڻهاريءَ وانگر ڪليل رکي) خرچ ڪريو تہ اوهانجي نفسن جو ڀلو ٿئي ۽ جيڪي (ٻين جي ضرورت کي پنهنجي وس آهر نظرانداز نہ ڪندا ۽) پنهنجي نفسن جي حرص کان بچايا ويندا، سي ئي ڪامياب آهن.

إِنْ تُقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَ
يَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾

(١٧) (الله جي چوڻ تي هلي بين جون ضرورتون پوريون ڪري) جيڪڏهن اوهين الله کي چڱو قرض ڏيندو ته هو اوهان کي اهو (قرض) گهڻو وڌائي ڏيندو ۽ اوهان کي (نقصانن کان) بخشيندو. ۽ الله وڏو قدردان (ماڻهن جي ڪوتاهي ڪرڻ تي) بردبار آهي.

عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾

(١٨) ڳجهه ۽ ظاهر (۾ اوهانجي نيتن ۽ جذبن) کي جاڻڻ وارو زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

**سورة الطلاق (معنيٰ: طلاق ڏيڻ) مدني**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**زالن کي طلاق ڏيو ته انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو.**

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ
لِعِدَّتِهِنَّ وَ اَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ
رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا
يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۭ وَ
تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ
فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۭ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ
يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ﴿١﴾

(١) اي نبي (مسلمانن کي چئو ته) جڏهن اوهين زالن کي طلاق ڏيو ته انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو ۽ عدت کي ڳڻيندا رهو ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو. انهن کي سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌري بيحيائي جي ڪم سرزد ٿيڻ کان سواءِ ٻاهر نه ڪڍو ۽ نه اهي پاڻ ٻاهر نڪرن ۽ اهي الله جون حدون (۽ قانون) آهن. ۽ جيڪو الله جي حدن کان لڳهندو ته ان (سان اڳلي کي به نقصان پهچندو ۽ ان) پنهنجي نفس تي (به) ظلم ڪيو. (چو ته) اهو نٿو ڄاڻي ته متان الله ان (طاق ڏيڻ) کان پوءِ ڪا (ميلاپ جي) نئين ڳالهه پيدا ڪري.

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ
بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ وَّ
اَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَ اَقِيْمُوا
الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ۭ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ
يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ڛ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ
يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ﴿٢﴾

(٢) پوءِ جڏهن اهي (زالون) پنهنجي (عدت واري) مدي کي پهچن ته رواج (۽ قانون) موجب انهن کي (رجوع ڪرڻ سان يا نئين نڪاح سان) جهليو (۽ زال مڙس جي زندگي گهاريو) يا رواج موجب انهن کان جدا ٿيو ۽ (آخري فيصلي تي) پاڻ مان اعتبار وارن ٻن ڄڻن کي شاهد ڪريو ۽ الله جي واسطي (ڪنهن جي روءِ رعايت ڪرڻ کان سواءِ) پوري شاهدي ڏيو. هن (حڪم) سان ان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي ٿو. ۽ جيڪو الله (جي قانون جو لحاظ رکي ان) کان ڊڄندو ته الله ان لاءِ مشڪل مان نڪرڻ جو رستو پيدا ڪري ڏيندو.

وَّ يَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ۭ وَمَنْ
يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ
بَالِغُ اَمْرِهٖ ۭ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ
قَدْرًا ﴿٣﴾

(٣) (ان مسئلي ۾ مالي مشڪلاتون آيس ته) ان کي اتان روزي ڏيندو جتان گمان به نه هوندس ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو ته الله ان (جي سات ڏيڻ) لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي (پنهنجي قانون سان) پورو ڪرڻ وارو آهي. الله سڀ ڪنهن شيءِ جو اندازو ڪري ڇڏيو آهي.

وَالّٰٓـِٔيْ يَىِٕسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآىِٕكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ۝٤

(٤) ۽ جيڪي اوهان جي زالن مان حيض اچڻ کان نااميد ٿيون هجن (تن جي عدت بابت) جيڪڏهن شڪ ۾ پيا آهيو ته سندن عدت ٽي مهينا آهي ۽ ( (اهڙيءَ طرح) اهي زالون جن کي حيض نه آيو هجي (تن جي عدت به ٽي مهينا شمار ڪريو) ۽ پيٽ وارين زالن جي عدت پنهنجي ٻار ڄڻڻ تائين آهي. ۽ جيڪو الله (جي قانونن تي هلي ان) جو لحاظ رکندو ته الله سندس ڪم کي آسان ڪري ڇڏيندو.

ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا ۝٥

(٥) اهو الله جو حڪم آهي ان کي اوهان جي طرف نازل ڪيو اٿس. ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ته الله ان (ڪم ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مدايون ان کان پري ڪندو ۽ ان کي وڏو اجر ڏيندو.

اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ؕ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى ؕ ۝٦

(٦) اوهين انهن (زالن) کي اتي رهايو جتي پنهنجي طاقت آهر پاڻ رهيا پيا آهيو. ۽ انهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ نه ايذايو، ۽ جيڪڏهن پيٽ سان هجن ته انهن کي خرچ ڏيو، جيستائين پنهنجو ٻار ڄڻين. پوءِ جيڪڏهن اوهان جي لاءِ (ٻار کي) کير پيارين ته کين سندن اجرت ڏيو! ۽ رواج موجب (انهن معاملن تي) پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪريو، ۽ جيڪڏهن (ان ڳالهه تي) اتفاق نه ٿئي ته پوءِ (ٻار کي) ڪا ٻي (عورت) کير پياريندي.

لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّآ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ؕ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَآ اٰتٰىهَا ؕ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا ۝٧ ع

(٧) (مطلق جو خرچ يا کير پيارڻ جي لاءِ) ڪشادگيءَ وارو پنهنجي ڪشادگي آهر خرچ ڪري، ۽ جنهن جي آمدني ٿوري هجي ته اهو ان مان خرچ ڪري جيڪو الله ان کي ڏنو آهي. الله ڪنهن شخص کي تڪليف نٿو ڏئي، پر ان مطابق جيڪي ان کي ڏنو اٿس. (جيڪڏهن ان عمل سان وقتي تنگي ٿي ته) الله تنگيءَ کان پوءِ جلد آساني ڪري ڏيندو.

رڪوع 2

**قرآن جي ڏسيل وات جا منڪر هميشه عذاب ۾ رهيا.**

وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا ۝٨

(٨) ۽ گهڻن ڳوٺن پنهنجي پاليندڙ ۽ سندس رسول جي (ٻڌايل اهڙن عائلي يا معاشرتي قانونن ۾) حڪم جي نافرماني ڪئي پوءِ اسان سندن سخت حساب ورتو ۽ کين سخت عذاب ڏنو سون.

فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا خُسْرًا ۝٩

(٩) پوءِ انهن پنهنجي (خدائي قانونن سان ٽڪراءُ ۾ هٿ ٺوڪين قانونن جي نتيجن ۾) ڪم جي سزا (جو مزو) چکيو ۽ سندن ڪم جي پڇاڙي نقصان ئي نقصان هو.

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ۛۚ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕۛ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ۝١٠ ۙ

(١٠) الله انهن لاءِ (آخرت ۾) سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي. پوءِ اي عقل وارا مومنو! الله کان ڊڄو! (۽ ان جي قانونن جي پاسخاطري رکو) الله اوهان ڏي هڪ ڪتاب (قرآن جهڙا حڪم ڏئي) نازل ڪيو آهي.

رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى
النُّوْرِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا
يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ﴿١١﴾

(١١) ۽ هڪڙو اهڙو رسول (موڪليو اٿس) جو اوهان کي الله جون پڌريون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ته جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي اونداهين مان سوجهري ڏي ڪڍي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو ته الله ان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهه پيا وهن انهن ۾ هميشه رهندا. بيشڪ الله ان جي روزي چڱي ڪئي آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّمِنَ الْاَرْضِ
مِثْلَهُنَّ ؕ يَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا
اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ
اَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿١٢﴾

(١٢) الله اهو آهي جنهن ست آسمان بنايا آهن ۽ انهن جهڙي زمين به. انهن جي وچ ۾ حڪم نازل ٿيندا رهن ٿا (۽ اهي حڪم الله جي انهن مقرر ڪيل قانونن تي ئي ٻڌل رهن آهن. اهو اوهان کي ان لاءِ ٻڌايو ويو) ته ته اوهين ڄاڻو ته الله سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ الله جي علم سڀ ڪنهن شيء کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي رکيو آهي.

**سورة التحريم (معنيٰ: حرام ڪرڻ) مدني**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**الله جون حلال ڪيل شيون پنهنجي مٿان حرام نه بڻايو. هرهڪ کان پنهنجي رعيت ۽ نگرانيءَ ۾ آيل جي پڇا ٿيندي.**

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ
تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿١﴾

(١) اي نبي! جنهن شيء کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي، سا تون ڇو (قسم ذريعي پاڻ تي) حرام ڪرين ٿو؟ (۽ اهو به ان لاءِ ته) تون پنهنجي زالن جي رضامندي گهرين ٿو، ۽ الله گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (جو تو کي تنبيهه ڪري ان جي خرابيءَ کان توکي بچائڻ گهري ٿو).

قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ ۚ وَ
اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٢﴾

(٢) بيشڪ الله اوهان جي قسمن جو کولڻ درست ڪيو آهي ۽ الله اوهان جو مالڪ آهي (جنهن پنهنجي قانون ۾ هن ڳالهه جي گنجائش رکي آهي ته سهو ۽ خطا جو تدارڪ ٿئي) ۽ اهوئي علم وارو حڪمت وارو آهي. (جو انسان جي طبعي ڪمزورين کي ڄاڻي ٿو.)

وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ
حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ
عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا
نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ؕ قَالَ
نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٣﴾

(٣) ۽ (ياد ڪر ته) جڏهن بني پنهنجي زالن مان ڪنهن زال کي ڪا ڳجهي ڳالهه چئي، پوءِ جڏهن ان (بي بيءَ) اها (ڳجهي ڳالهه ٻي بي بيءَ کي) ٻڌائي ۽ الله نبيءَ کي ان جي خبر ڏني ته پاڻ ڪجهه ڳالهه بيان ڪيائون ۽ ڪجهه ڳالهه بيان ڪرڻ کان منهن موڙيائون. پوءِ جڏهن (بي بيءَ) کي ڳجهي ڳالهه جي (پڌري ڪرڻ) جي خبر ڏنائون ته ان چيو ته، توکي هيءَ ڳالهه ڪنهن ٻڌائي آهي؟ پاڻ چيائون ته مون کي پوري ڄاڻڻ واري ۽ پوري خبر رکڻ واري (الله) ٻڌائي آهي.

اِنۡ تَتُوۡبَاۤ اِلَى اللّٰهِ فَقَدۡ صَغَتۡ قُلُوۡبُكُمَا ۚ وَ
اِنۡ تَظٰهَرَا عَلَيۡهِ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوۡلٰٮهُ وَ
جِبۡرِيۡلُ وَصَالِحُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ وَالۡمَلٰٓـئِكَةُ
بَعۡدَ ذٰلِكَ ظَهِيۡرٌ ﴿۴﴾

(٤) (اي پيغمبر جون ٻئي ٻيبيون! جيڪي هن راز ۾ شريڪ آهيو) جيڪڏهن اوهين ٻئي الله وٽ توبهه ڪنديون (تہ سٺي ڳالهه آهي) ڇو تہ اوهان جون دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن اوهين ٻئي پيغمبر جي برخلاف هڪٻئي جي مدد ڪنديون (تہ ياد رکو توهان ان جو ڪجهه بگاڙي نہ سگهنديون، ڇاڪاڻ) تہ بيشڪ الله سندس ڪم ناهيندڙ آهي ۽ جبريل ۽ چڱا مسلمان ۽ ملائڪ هن کان پوءِ (سندس) مددگار آهن.

عَسٰى رَبُّهٗۤ اِنۡ طَلَّقَكُنَّ اَنۡ يُّبۡدِلَهٗۤ اَزۡوَاجًا
خَيۡرًا مِّنۡكُنَّ مُسۡلِمٰتٍ مُّؤۡمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ
تٰٓـئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓـئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّ
اَبۡكَارًا ﴿۵﴾

(٥) اميد آهي تہ پيغمبر جيڪڏهن (مودت ۽ سڪون نہ پائڻ) اوهان کي طلاق ڏيندو تہ سندس پالڻهار ان کي بدلي ۾ اهڙيون زالون ڏيندو جيڪي اوهان کان گهڻيون چڱيون، اسلام واريون، ايمان واريون، تابعدار، توبهه ڪرڻ واريون، عبادت ڪرڻ واريون، روزا رکڻ واريون، (ڪي) رنڙون ۽ (ڪي) ڪنواريون هونديون.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَاَهۡلِيۡكُمۡ
نَارًا وَّقُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ عَلَيۡهَا
مَلٰٓـئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعۡصُوۡنَ اللّٰهَ مَاۤ
اَمَرَهُمۡ وَيَفۡعَلُوۡنَ مَا يُؤۡمَرُوۡنَ ﴿۶﴾

(٦) اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين کي اهڙيءَ باه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ آهن. ان تي سخت طبيعت (۽) طاقت وارا ملائڪ (مقرر) آهن جنهن جو ڪين الله حڪم ڪيو آهي، تنهن ۾ سندس نافرماني نٿا ڪن ۽ جنهن جو ڪين حڪم ڪيو وڃي ٿو سو ڪن ٿا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَا تَعۡتَذِرُوا الۡيَوۡمَ ؕ
اِنَّمَا تُجۡزَوۡنَ مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷﴾

(٧) (ان ڏينهن ڪافرن کي چونداسون تہ) اي ڪافرو! اڄ (عذاب کان بچڻ لاءِ) بهانا پيش نہ ڪريو! جيڪي اوهين ڪندا هئا رڳو تن (عملن) جو اوهان کي بدلو ڏنو ويندو.

رڪوع 2

**الله وٽ سچي توبهه ڪريو، اميد آهي تہ اوهان جو پالڻهار اوهان جون مدايون ميٽي ڇڏيندو.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا تُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ تَوۡبَةً
نَّصُوۡحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمۡ اَنۡ يُّكَفِّرَ عَنۡكُمۡ
سَيِّاٰتِكُمۡ وَيُدۡخِلَكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ
تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۙ يَوۡمَ لَا يُخۡزِى اللّٰهُ النَّبِىَّ وَ
الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مَعَهٗ ۚ نُوۡرُهُمۡ يَسۡعٰى بَيۡنَ
اَيۡدِيۡهِمۡ وَبِاَيۡمَانِهِمۡ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَاۤ اَتۡمِمۡ
لَنَا نُوۡرَنَا وَاغۡفِرۡ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ
قَدِيۡرٌ ﴿۸﴾

(٨) اي ايمان وارؤ! (زندگيءَ جي ڪنهن مرحلي تي توهان جو قدم سهو سان غلط ڪڄي وڃي تہ ان روش کان پاسو ڪيو ۽) اوهين الله وٽ سچي توبهه ڪريو! اميد آهي تہ اوهان جو پالڻهار اوهان کان اوهان جون مدايون ميٽي ڇڏيندو ۽ اوهان کي ان (ڏينهن) اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺيان واهه پيا وهن. (ان ڏينهن) جنهن ڏينهن الله نبي(ﷺ) کي ۽ جن ساٿس ايمان آندو تن کي خوار نہ ڪندو. سندن (ايمان جو) نور سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسن کان پيو ڊوڙندو. هو پيا چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پنهنجو نور پورو ڪري ڏي ۽ اسان کي معاف ڪر. بيشڪ تون سڀ ڪجهه ڪري سگهين ٿو.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۹﴾

(۹) اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن (جي خلاف جدوجهد جاري رک ۽ انهن) سان جنگ ڪر ۽ انهن تي (سندن لچاين جي ڪري) سختي ڪر ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ اها موٽي وڃڻ جي بڇڙي جاءِ آهي.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ﴿۱۰﴾

(۱۰) الله تعاليٰ (مڪافات جو قانون اٽل هئڻ جي سلسلي ۾) ڪافرن لاءِ نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو مثال بيان ڪيو آهي. اهي ٻئي اسان جي ٻانهن مان چڱن ٻانهن جي گهر ۾ هيون پوءِ انهن ٻنهي زالن سندن خيانت ڪئي. (يعني ايمان ۾ انهن جو ساٿ نہ ڏنو) پوءِ اهي ٻئي (پيغمبر) الله جي (مڪافات واري قانون جي) مقابلي ۾ انهن ٻنهي زالن ڪي ڪجھ بہ ڪم نہ آيا ۽ چيو ويو تہ اوهين ٻئي زالون باهہ ۾ داخل ٿيڻ وارن سان گڏ داخل ٿيو.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۱﴾

(۱۱) ۽ الله ايمان وارن لاءِ فرعون جي زال جو مثال بيان ڪيو آهي. جڏهن ان چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ هڪ گهر بناءِ! ۽ مون کي فرعون ۽ سندس غلط ڪمن کان بچاءِ! ۽ ظالم قوم کان بہ مون کي بچاءِ! (جنهن هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ) تي سندرو ٻڌو آهي.)

وَمَرْيَمَ ابْنَتَ عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ﴿۱۲﴾

(۱۲) ۽ عمران جي ڌيءَ مريم جو بہ (مثال بيان ڪيو آهي). جنهن پنهنجي عصمت کي (سڀني مردن کان) بچايو، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو (پيدا ڪيل خاص) روح ڦوڪيو، ۽ ان پنهنجي پالڻهار جي ڳالهين (جيڪي ڪيس ملائڪن جي ذريعي معلوم ٿينديون هيون) ۽ سندس ڪتابن کي سچو مڃيو ۽ پاڻ (خدا جي نهايت) تابعدارن مان هئي.